هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنّتن ڀريو بيان

# فيضانِ

# مَدَني اِنعَامات

**23-MARCH-2017**

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ ط

اَمَّا بَعْدُ! فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

# فيضان مدني انعامات

اَلصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ اللّٰه وَعَلٰى اٰلِكَ وَ اَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ اللّٰه

اَلصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ اللّٰه وَعَلٰى اٰلِكَ وَ اَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ اللّٰه

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَاف

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي نفلي اعتڪاف جي نيّت ڪري وٺو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ نفلي اعتڪاف جو ثواب پڻ ملندو رهندو ۽ ضمنًا مسجد ۾ ڪائڻ پيئڻ بہ جائز ٿي ويندو.

## دُرُودِپاڪ جي فضيلت

سرڪارِ والا تَبار، بنهي جهانن جي مالڪ و مُختار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ رَحمت نشان آهي: اي انسانو! بيشڪ قِيامت جي ڏينهن ان جي دَهشتن ۽ حِساب ڪتاب مان جَلد نجات ماڻڻ وارو شَخص اهو هوندو، جنهن توهان مان مون تي دُنيا ۾ ڪثرت سان دُرُود شريف پڙهيا هوندا.

(فردوس الاخبار ،باب الياء، ۲ / ۴۷۱،حديث: ۸۲۱۰)

چارۂ بے چارگاں پر ہوں دُرودیں صد ہزار
بے کسوں کے حامی و غمخوار پر لاکھوں سَلام

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نيتون ڪيون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيرٌ مِّن عَمَلِهٖ. يعني مسلمان جي نيت ان جي عمل کان بهتر آهي. (المعجم الكبير للطبراني، باب السين،سهل بن سعد الساعدى الحديث: 5942، ج 6، ص 185)

ٻه مدني گُل: 1 بنا سٺي نيت جي ڪنهن به نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.
2 جيتريون سٺيون نيتون وڌيڪ، اوترو ثواب به وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نيّتون

❁ نگاهون جهڪائي انتهائي توجه سان بيان ٻُڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو گوڏا ڀجي ويهندس ❁ ضرورت طور سوڙهو ٿي سِرڪي ٻين جي لاءِ جاءِ ڪُشادي ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو ته صبر ڪندس، گهورڻ، جهڙڪڻ ۽ اُلجهڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذكُرُوالله، تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻُڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي (يعني دلداري) جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳڀرائي ڪري سلام، مُصافحو ۽ اِنفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## اي نَفس! اللّٰه عَزَّوَجَلَّ کان ڊڄ

بني اسرائيل جو هڪ شخص نهايت عِبادت گُذار هو. هو رات جو اللّٰه تعاليٰ جي عِبادت ۾ مصروف رهندو ۽ سڄو ڏينهن ڪُهمي قري ڪجهه شيون ماڻهن کي وڪڻندو هو. اهو اڪثر پنهنجي نَفس جو مُحاسَبو (فڪرِ مدينه) ڪندي چوندو هو: ”اي نَفس! اللّٰه عَزَّوَجَلَّ کان ڊڄ.“ هڪ ڏينهن هو معمول مطابق پنهنجي گهران روزي ڪمائڻ جي لاءِ نڪتو ۽ هلندي هلندي هڪ امير جي دروازي وٽ پهتو ۽ پنهنجون شيون وڪڻڻ جي لاءِ صَدا لڳائي. امير جي

گهرواريءِ جڏهن ان حسين شخص کي پنهنجي دروازي جي ويجهو ڏٺو تہ ان تي عاشِق ٿي وئي ۽ ان کي حيلي بهاني سان محل اندر سڏي ورتو پوءِ ان کي چوڻ لڳي: اي واپاري! منهنجي دل توهان ڏانهن مائل ٿي چڪي آهي، مون وٽ گهڻو مال آهي ۽ قيمتي لِباس آهن، تون اهو ڪم ڇڏي ڏي آئون تو کي ريشمي لِباس ۽ گهڻو مال ڏينديس. اها پيش ڪش ٻڌي ان جو نَفس ان عورت ڏانهن مائل ٿيڻ لڳو، پر هڪدم ان پنهنجي عادت مطابق (نَفس کي مُخاطَب ڪندي) چيو: ”اي نَفس! الله عَزَّوَجَلَّ کان ڊڄ“ پوءِ ان عورت کي جواب ڏنو: ”مون کي پنهنجي رَبّ عَزَّوَجَلَّ جو ڊپ ٿي رهيو آهي.“ اها عورت چوڻ لڳي: ”تون منهنجي خواهش پوري ڪرڻ بغير هتان کان نٽنو وڃي سگهين.“ ان شخص بيهر چيو:”اي نَفس! الله عَزَّوَجَلَّ کا ڊڄ“ ۽ ڇوٽڪاري جي راهہ سوچڻ لڳو. آخرڪار ان عورت کي چيو:”مون کي مُهلت ڏيو تہ مان وُضُو ڪري ٻہ رَڪعَتون ادا ڪري وٺان.“ اجازت ملڻ تي ان وُضُو ڪيو ۽ ڇت تي هليو ويو، اتي ان ٻہ رَڪعَت نماز ادا ڪرڻ کان بعد ڇت تان هيٺ ڏٺو تہ ان جي اونچائي (اٽڪل) ويهہ (20) گز هئي. ان بيوس ٿي آسمان ڏانهن نهاريو ۽ عرض ڪرڻ لڳو: ”اي منهنجا رَبّ عَزَّوَجَلَّ! مان وڏي عرصي کان تنهنجي عِبادت ۾ مشغول آهيان، مون کي هن آفت مان نجات عطا فرماءِ.“ اهو چئي ان ڇت تان ٽپو ڏنو، الله تعاليٰ حضرت سَيدُنا جبريل عَلَيه السَّلام کي حڪم ڏنو: ”وڃو منهنجي ٻانهي کي زمين تائين پهچڻ کان پهريان سنڀالي وٺ، ڇوتہ ان منهنجي ناراضي جي خوف مان ٽپو ڏنو آهي.“ حضرت جبريل عَلَيه السَّلام نهايت تيزي سان اچي ان شخص کي ڪٽي ورتو ۽ زمين تي ويهاري ڇڏيو. (دُرّۃُ الناصحين،المجلس التاسع والستون ...الخ،ص۲۷۰ ملخصاً)

کیوں کرنہ میرے کام بنیں غیب سے حسن

بندہ بھی ہوں تو کیسے بڑے کارساز کا

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

www.dawateislami.net

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** هن حڪايت مان معلوم ٿيو ته جيڪو شخص پنهنجي عملن جي اِحتِساب جو معمول بڻائيندو آهي، پنهنجي عملن جو هر وقت جائزو وٺندو رهندو آهي ته ان جي اها سٺي عادت ان کي گُناهن کان بچائڻ ۾ مدد گار ثابِت ٿيندي آهي جيئن ان نيڪ شخص جي دِل گُناهه ڏانهن مائل ٿي ته فڪرِ مدينه (يعني پنهنجو مُحاسبو ڪرڻ) جي عادت جي ڪري فوراً ئي ان جي زبان مان اهو جُملو نڪتو:

”اي نَفس! الله عَزَّوَجَلَّ کان ڊڄ“ ۽ پوءِ ان تي خوفِ خُدا اهڙو غالب ٿيو جو هو گناهه کان بچي ويو. اها به خبر پئي ته مُشڪل وقت ۾ نيڪيون ڪم اينديون آهن، ڪڏهن ڪڏهن انهن جي ڪري الله عَزَّوَجَلَّ جي اهڙي مَدَد حاصل ٿيندي آهي جو وڏي کان وڏي مُصِيبت به آسان ٿي ويندي آهي، اهو ئي سبب آهي جو جڏهن ان نيڪ شخص گُناهه کان ڇوٽڪاري جي لاءِ پنهنجي عبادتن جو وسيلو پيش ڪندي ڇت جي بُلندي تان ٽپو ڏنو ته مَدَدِ اِلٰهي جي ڪري جاني هلاڪت ۽ جسماني مُصِيبت کان محفوظ رهيو.

**ياد رهي!** ته اسان جي شريعت ۾ پنهنجي پاڻ کي هلاڪت ۾ وجهڻ جي اجازت ناهي. بهرحال اسان کي به گهرجي ته پنهنجي عملن جو مُحاسَبو ڪندي پاڻ کي گُناهن کان بچايون ۽ وڌ کان وڌ نيڪ عمل ڪريون، نيڪ عملن جي ڪري نه صرف مَدَدِ الٰهي حاصل ٿيندي آهي بلڪ دُنيا ۽ آخرت جون بي شُمار سَعادتون پڻ نصيب ٿينديون آهن، ان جي علاوه نيڪيون گُناهن کي مٽائڻ جو ذريعو به آهن، قرآنِ ڪريم ۾ ترغيب جي لاءِ ڪيئي هنڌن تي نيڪ عمل جون فضيلتون بيان ڪيون ويون آهن، جيئن سيپارو 30 سُوْرَةُ بَيِّنَة جي آيت نمبر7 ۽ 8 ۾ اِرشاد آهي:

www.dawateislami.net

اِنَّ الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا وَ عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ ۙ اُولٰٓئِکَ هُمۡ خَيۡرُ الۡبَرِيَّةِ ؕ﴿۷﴾ جَزَآؤُهُمۡ عِنۡدَ رَبِّهِمۡ جَنّٰتُ عَدۡنٍ تَجۡرِیۡ مِنۡ تَحۡتِهَا الۡاَنۡهٰرُ خٰلِدِيۡنَ فِيۡهَاۤ اَبَدًا ؕ رَضِیَ اللّٰهُ عَنۡهُمۡ وَ رَضُوۡا عَنۡهُ ؕ (پ۳۰،البينة: ۷-۸)

**ترجموڪنز الايمان:** بيشڪ جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيائون اهي ئي سموري مخلوق ۾ بهتر آهن. انهن جو انعام سندن رب وٽ تڪڙ جا باغ آهن جن جي هيٺان نهرون وهن ٿيون. جن ۾ هميشه هميشه رهندا، الله انهن کان راضي ٿيو ۽ اهي ان کان راضي ٿيا اهي ان جي واسطي آهي جيڪو پنهنجي رب کان ڊڄي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان جيڪي ماڻهو ايمان آڻڻ کان پوءِ نيڪ عمل ڪن ٿا، الله عَزَّوَجَلَّ اُن خُوش نصيبن کي جنّتي باغات ۽ پنهنجي رِضا جي خوشخبري عطا ڪندو آهي، تنهنڪري اسان کي کپي ته پنهنجي زندگي کي بيڪار ڪمن ۽ فضول تبصرن ۾ وڃائڻ بدران آخرت جي لاءِ نيڪين جو خُوب خُوب ذخيرو گڏ ڪيون ۽ گُناهن کان بچندي اِخلاص ۽ اِستِقامت سان نيڪ عملن ۾مصروف رهون. احاديثِ مُبارڪ ۾نيڪ عملن ڪرڻ جون تمام گهڻيون فضيلتون ۽ برڪتون بيان ٿيون آهن. اچو! ترغيب خاطر ٻه مُصطَفٰي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا فرمان ٻڌون ٿا، جيئن

## نيڪ عملن جون فضيلتون

1. ارشاد فرمايائون: بيشڪ الله عَزَّوَجَلَّ مون کي حُسنِ اخلاق ۽ چڱن عملن کي تمام ۽ ڪمال تائين پهچائڻ جي لاءِ مبعوث فرمايو (يعني موڪليو) آهي.
(مجمع الزوائد، ڪتاب البر والصلة، باب مڪارم الاخلاق والعفو عمن ظلم،۸/ ۳۴۳، رقم:۱۳۶۸۴)

2. فرمايائون: جنهن پنهنجي باقي زندگي ۾ نيڪ عمل ڪيا ته ان جي انهن خطائن کي بخشيو ويندو جيڪي ماضي ۾ ٿي چڪيون آهن ۽ جنهن پنهنجي باقي زندگي ۾ بُرا عمل ڪيا ته ان جي گذريل ۽ آئنده زندگي ۾ ٿيڻ وارين خطائن تي ان جي پڪڙ ڪئي ويندي. (معجم اوسط،من اسمه محمد،۵/ ۱۲۸، حديث: ۶۸۰۶)

www.dawateislami.net

نماز و روزه و حجّ و زكوة كى توفيق
عطا ہو اُمّتِ محبوب كوسدا ياربّ

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! واقعي نيڪ عملن جون وڏيون برڪتون آهن، نيڪ عملن جي برڪت سان الله عَزَّوَجَلَّ جي رِضا حاصل ٿيندي آهي، نيڪ عملن جي برڪت سان جنّت جون لازوال نعمتون نصيب ٿينديون آهن. نيڪ عملن جي برڪت سان قبر ۽ حَشر جي عذاب کان نجات ملندي آهي، نيڪ عمل گناهن جي بخشش جو ذريعو آهن، نيڪ عمل رحمتِ الٰهي جي نزول جا سبب آهن.

ياد رکو! گُناهن کان بچڻ ۽ نيڪيون ڪرڻ جي لاءِ، اِستِقامت سان فڪرِ مدينہ يعني پنهنجي عملن جو اِحتِساب ڪرڻ نهايت ضروري آهي، ان ڪري هر شخص کي گهرجي تہ هو پنهنجي عملن جي ادائيگي تي سنجيدگي سان ان طرح غور ڪري تہ ماضي ۾ جيڪو ڪجھ ڪندو رهيس ۽ هاڻي بہ انهيءَ تي قائم آهيان تہ ڇا اهو ڪم منهنجي آخرت جي لاءِ نُقصان دِھ تہ ناهي؟ يقيناً جيڪو مُسلمان فِڪرِ آخرت جي عادت پيدا ڪندو آهي، ان جي ڪردار ۽ گُفتار ۾ آهستہ آهستہ بهتري پيدا ٿي ويندي آهي ۽ ان کي هميشہ پنهنجي آخرت بهتر بنائڻ جي فڪر رهندي آهي. اَلحَمدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ اسلامي ڀائرن جي 72 **مدني انعامات** ۾ بہ محاسبي جي ترغيب تي مشتمل هڪ مدني انعام موجود آهي، جيئن

مدني انعام نمبر15 آهي: ”ڇا اڄ توهان مڪمل ڏيان سان گهٽ ۾ گهٽ 12 منٽ فڪرِ مدينہ (يعني پنهنجي اعمال جو محاسبو) ڪندي جن جن مدني انعامات تي عمل ٿيو رسالي ۾ ان جا خانا ڀريا؟ “

عملن جي باري ۾ غور و فڪر جي اَهمِيت جو اندازو هن ڳالھ مان لڳائي

سگهجي ٿو تہ قرآن ۽ حديث ۾ باقاعده ان جي تَرغِيب ڏياري وئي آهي، جيئن سيپارو 28 سُوْرَةُ حَشْر جي آيت نمبر 18 ۾ الله عَزَّوَجَلَّ ارشاد فرمائي ٿو:

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اتَّقُوا اللّٰهَ وَ لْتَنْظُرْ نَفْسٌ مَّا قَدَّمَتْ لِغَدٍۚ (پ٢٨،الحشر:١٨)

**ترجموڪنز الايمان:** اي ايمان وارؤ! الله کان ڏجو ۽ جڳائي تہ سياڻي جي واسطي اڳتي هن ڇا موڪليو.

هن آيت تحت تفسيرِ ابن ڪثير ۾ آهي تہ پنهنجو مُحاسَبو ڪريو، ان کان پهريان جو اوهان جو مُحاسَبو ڪيو وڃي ۽ غور ڪريو تہ توهان قيامت جي ڏينهن الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ ۾ پيش ڪرڻ جي لاءِ نيڪ عملن جو ڪيترو ذخيرو گڏ ڪيو آهي. (تفسير ابنِ ڪثير،پ ٢٨،الحشر،تحت الآية:١٨،٨ / ١٠٦)

احادِيثِ ڪريمہ ۾ رحمتِ عالم، نُورِ مُجَسَّم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بہ ڪيئي ڀيرا اعمال جو مُحاسَبو ڪرڻ جي تَرغِيب ڏياري آهي، اچو هن باري ۾ ٽي (3) فرمانِ مُصطَفٰي ٻڌون ٿا:

## اِحتِساب (فڪرِ مدينہ) جي باري ۾ ٽي (3) فرمانِ مُصطَفٰي

1. فرمايائون: جڏهن توهان ڪنهن ڪم ڪي ڪرڻ چاهيو تہ ان جي انجام جي باري ۾ غور ڪري ونو، جيڪڏهن اهو سنو آهي تہ ان ڪي ڪري ونو ۽ جيڪڏهن ان جو نتيجو غَلَط هجي تہ ان کان پاسو ڪريو. (ڪنزالعمال، ڪتاب الاخلاق، حرف التاء،التودة والتانى والتبيين،الجزء٢،٣/٤٣،حديث:٥٦٧٣)
2. عَقل مند جي لاءِ هڪ گهڙي اهڙي هئڻ گهرجي جنهن ۾ هو پنهنجي نفس جو محاسبو ڪري. (شعب الايمان، باب فى تعديد نعم الله ...الخ ، ٤/١٦٤، حديث: ٤٦٧٧)
3. (آخرت جي معاملن ۾) گهڙي ڪن غور و فِڪر ڪرڻ سٺ (60) سالن جي عِبادت کان بهتر آهي. (ڪنز العمال،ڪتاب الاخلاق،التفكر،٣/٤٨،حديث:٥٧٠٧)

www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! خبر پئي تہ قرآنِ ڪريم ۽ احاديثِ مُبارڪہ ۾ مُحاسبو ڪرڻ جي ڪيتري قدر تَرغِيب ڏياري وئي آهي، تنهنڪري جيڪڏهن اسان چاهيون ٿا تہ اسان کي رضاءِ رَبُّ الآنام حاصل ٿئي، اسان دنيا ۽ آخرت ۾ ذِلّت، رُسوائي ۽ شرمندگي کان بچي وڃون، جهنّم کان ڇوٽڪارو ملي وڃي ۽ جنّت نڪاڻو بڻجي وڃي تہ اسان کي گهرجي تہ اسان پنهنجي موت کان غافل ٿيڻ ۽ وڏيون وڏيون اُميدون ڪرڻ جي بدران سمجهداري جو ثبوت ڏيندي روزانو فڪرِ مدينہ (مُحاسبو) ڪرڻ جي عادت بڻايون، ڇوتہ اسان کي اجا مُهلت مليل آهي، اسان جي زندگي جو سلسلو جاري آهي، موت جو فرشتو اجا تشريف فرما ناهي ٿيو، هوش ۽ حواس ۽ عقل سيئي سلامت آهن، پر جنهن ڏينهن ساهن واري مالا ٽُٽي پئي، موت جو فرشتو اچي پهتو تہ لک ڪوشش جي باوجود چاهيندي بہ اسان ڪجھ نہ ڪري سگهنداسين ۽ ان وقت پڇتائڻ جي علاوه ٻيو ڪجھ نہ ورندو، جيئن تہ

اميرُ المؤمنين حضرت سَيدُنا عمر فاروقِ اعظم رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه جن فرمايائون: اي انسانو! پنهنجي عملن جو ان کان پهريان محاسَبو ڪريو جو قيامت اچي وڃي ۽ ان جو حساب ورتو وڃي. (احياء العلوم، ١٢٨/٥)

اچو! هاڻي اسان مُحاسبي جي وصف ٻڌون ٿا تہ جيئن ان جي ذريعي اسان وڌيڪ بهتر انداز ۾ پنهنجي عملن جو مُحاسَبو ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي سگهون،

## محاسَبو ڇا آهي؟

حُجَّةُ الاسلام حضرت سَيدُنا امام محمد غزالي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه پنهنجي مشهور ڪتاب "اِحياء العلوم" ۾فرمائن ٿا: عملن جي ڪثرت ۽ مقدار ۾ گهٽائي ۽ نُقصان جي معرفت جي لاءِ جيڪو غورڪيو ويندو آهي ان کي مُحاسَبو چوندا آهن، تنهنڪري جيڪڏهن ٻانهو پنهنجي سڄي ڏينهن جي عمل کي اڳيان

www.dawateislami.net

رڪي تہ جيئن ان کي ڪمي بيشي جي خبر پئي تہ اهو بہ مُحاسَبو آهي.
(احياء العلوم،۳۱۹/۵)

## فکرِ مدينہ ڇاکي چئبوآهي؟

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ شيخِ طريقت، اميراهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه هن پُرفتن دور ۾ اسان کي پنهنجي عملن جو محاسبو ڪرڻ جو ذهن ڏنو آهي، دعوتِ اسلامي جي مَدَني ماحول ۾ پنهنجي عملن جو مُحاسَبو ڪرڻ کي ”فڪرِ مدينہ “ چيو ويندو آهي. فڪرِ مدينہ مان مُراد هي آهي تہ انسان اُخرَوي اِعتبار سان پنهنجي زندگي جي معمولات تي غور و فِڪر ڪري، پوءِ جيڪي ڪم ان جي آخرت جي لاءِ نُقصان ڪار ثابت ٿي سگهندا هجن، انهن جي اِصلاح جي ڪوشش ڪري ۽ جيڪي ڪم اُخرَوي اِعتبار سان نَفعي بَخش نظر اچن انهن ۾ بهتري جي لاءِ اپاءِ ڪري. اِستِقامت سان فڪرِ مدينہ ڪرڻ سان خُوب خُوب برڪتون حاصل ٿينديون آهن، اهو ئي سبب آهي جو بُزرگانِ دين نهايت اِستِقامت سان فڪرِ مدينہ (پنهنجي عملن جو مُحاسَبو) ڪندا هئا ۽ ان کان ڪنهن صُورت بہ غفلت اِختيار نہ ڪندا هئا.

## سيدُنا فاروقِ اعظم جوفکرِ مدينہ

حضرتِ سَيدُنا عمر فاروقِ اعظم رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ (پنهنجو مُحاسَبو ڪندي) رات جي وقت پنهنجي پيرن تي دُرَّو (ڪوڙو) هڻي فرمائيندا هئا: ٻڌاءِ! اڄ تو”ڪهڙو عمل“ ڪيو؟ (احياء العلوم،۳۵۸/۵ملخصاً)

## هر وقت فکر مدينہ

حضرت سَيدُنا حَسَن بَصري رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ چاليهہ (40) سالن تائين نہ کليا. راوي جو بيان آهي تہ مون جڏهن بہ انهن کي ويندل ڏٺو تہ ائين لڳندو هو جيئن کو

www.dawateislami.net

قيدي آهي، جنهن کي سر ڏڙ کان ڌار ڪرڻ جي لاءِ آندو ويو آهي، جڏهن پاڻ گُفتگو ڪندا هئا تہ ائين معلوم ٿيندو هو تہ آخرت جو مُشاهدو فرمائي رهيا آهن ۽ ان کي ڏسي ڏسي خبر ڏئي رهيا آهن ۽ جڏهن خاموش ٿيندا هئا تہ اهو عالَم هوندو هو ڇڻ تہ انهن جي اکين جي اڳيان باهہ ڀڙڪي رهي آهي. جڏهن سندن کي ايتري قدرخوف زَده رهڻ بابت عرض ڪيو ويو تہ پاڻ فرمايائون: مان هن ڳالهہ کان بي خوف نہ آهيان جو الله عَزَّوَجَلَّ منهنجي بعض ناپسنديده اعمال تي باخبر ٿي مون کان ناراض ٿي وڃي ۽ ارشاد فرمائي: "وڃ! مان تو کي نہ ٿو بخشان" (تہ) هن صُورت ۾ منهنجا تمام عمل ضائع ٿي ويندا.

(احياءالعلوم، ۴/۵۵۶-۵۵۵)

## نفَس جي مُحاسَبي جو عجيب طريقو

حضرت سَيدُنا اِبراهِيم تيمي رَحۡمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیۡه فرمائن ٿا تہ هڪ ڀيري مون اهو تصوّر ڪيو تہ آئون جنت ۾ آهيان، اتي جا ميوا کائي رهيو آهيان، جنتي نهرن منجهان شربت پي رهيو آهيان ۽ حورن سان ملاقات ڪري رهيو آهيان، ان کان پوءِ مون اهو خيال ڪيو تہ آئون جهنّم ۾ آهيان ۽ باهہ جي زنجيرن ۾ جڪڙيل آهيان، ٿوهر (يعني زهريلو ڪنڊيدار وڻ) کائي رهيو آهيان ۽ دوزخين جي پونءِ پي رهيو آهيان. پوءِ مون پنهنجي نفس کان پڇيو: ٻڌاءِ، توکي هنن ٻنهي مان ڪهڙي شيءِ پسند آهي؟ نفس چيو "ارادو آهي تہ دنيا ۾ واپس وڃي نيڪ عمل ڪري اچان تڏهن مون پنهنجي نفس کي چيو: في الحال توکي مهلت مليل آهي تنهنڪري خوب نيڪ عمل ڪر. (مڪاشفة القلوب ، ص ۵۴۶ملخصاً)

الله تبارڪ وتعاليٰ انهن نيڪ هستين جي صدقي ۾ اسان کي نيڪ بڻائي ڇڏي ۽ ڪاش! اسان سُڌري وڃون.

www.dawateislami.net

اِلٰہی رحم فرما میں سُدھرنا چاہتا ہوں اب
نبی کا تجھ کو صدقہ میں سُدھرنا چاہتا ہوں اب

صَلُّوْاعَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اوهان ڏٺو تہ اسان جي بُزرگ سڳورن ۾ فڪرِ مدينہ (مُحاسَبو ڪرڻ) جو جذبو ڪيتري قدر گهڻو هو، انهن مُبارڪ هستين جي ويجهو فڪرِ مدينہ (مُحاسَبو ڪرڻ) جي ڪيتري قدر اهميت هئي جو هر وَقت پنهنجي عملن جي باري ۾ فڪرمند رهندا هئا تہ خبر ناهي اهي عمل الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاھ ۾ مَقبُول ٿي اسان جي مَغفرت جو ذريعو بڻجندا يا مَردُود ٿي اسان جي هلاڪت جو سبب ثابِت ٿيندا. تورو سوچيو! جڏهن اهي مَقبُولانِ بارگاھ ايتري قدر اِستِقامت سان فڪرِ مدينہ ڪندا هئا تہ اسان گُناهگارن کي فڪرِ مدينہ ڪرڻ جي ڪيتري قدر ضرورت آهي. فڪرِ مدينہ ڪرڻ جي اَهميت ۽ نہ ڪرڻ جو نُقصان ڇا هوندو آهي اهو هن مثال سان سمجهو! جهڙي طرح دُنياوي ڪاروبار سان لاڳاپيل ڪو بہ شخص انهيء وقت ڪامياب تاجر بڻجي سگهندو آهي، جڏهن هو پنهنجي خرچ ڪيل مال کان ڪيئي ڀيرا وڌيڪ نفعو ڪمائڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃي ۽ ان جو اَصل سرمايو بہ مَحفُوظ رهي. هن مَقصَد جي حُصُول جي لاءِ هو پنهنجي ڪاروبار (Business) جو روزانو، ماهوار ۽ سالانو حساب ڪتاب ڪندو آهي، پوءِ ان تي مختلف پهلوئن کان نہ صرف زباني غور و فِڪر ڪري ٿو بلڪ ان کي تحريري طور تي محفوظ رکڻ جي ڪوشش ڪندو آهي، جتي ڪنهن قسم جي خامي نظر آئي، ان کي دُرُست ڪندو آهي ۽ جيڪا شيء نفعي جي حُصُول ۾ رُڪاوٽ نظر ايندي آهي ان کي پري ڪندو آهي. جيڪڏهن هو پنهنجي ڪاروباري مُعامَلات جو مُحاسَبو نہ

www.dawateislami.net

ڪري تہ ان ڪي نفعو حاصل ٿيڻ رهيو پري جي ڳالهہ بلڪ ان ڪي نُقصان پڻ ٿي سگهي ٿو ۽ جيڪڏهن ان نُقصان کان بعد بہ هو "خوابِ خرگوش"(يعني غفلت جي گهري ننڊ) مان بيدار نہ ٿئي تہ هڪ ڏينهن اهڙو بہ ايندو آهي جو ان جو اَصَل سرمايو بہ باقي ناهي رهندو ۽ هو رُپئي رُپئي جو مُحتاج ٿي ويندو آهي. بلڪل اهڙي طرح جيڪو شخص "ڪاروبارِ آخرت" ۾ نفعو ڪمائڻ جو آرزُو مَند هجي، ان کي بہ گهرجي تہ پنهنجي ڪيل عملن تي غور ڪري، جيڪي عمل ان کي نفعو ڏيارڻ ۾ مُعاون ثابت ٿين، انهن کي مزيد بهتر ڪري ۽ جيڪي ڪم ان جي نفعي جي حُصُول ۾ رُڪاوٽ بڻجي رهيا هجن، اُنهن کي ڇڏي ڏئي، جيڪو شخص اهڙي طرح پنهنجو اِحتِساب جاري رکندو، هو الله عَزَّوَجَلَّ جي توفيق سان ڪاميابي ماڻيندو ۽ نفعي طور اِنْ شَآءَاللہ عَزَّوَجَلَّ ان کي جنّت ۾ داخلا نصيب ٿيندو ۽ جيڪڏهن ائين ڪرڻ جي بدران "خوابِ غفلت " جو شڪار ٿي وڃي تہ هو خساري ۾ رهندو، جنهن جو نتيجو جهنّم ۾ داخلي جي صُورت ۾ نظر اچي سگهي ٿو. (وَالْعِيَاذُبِاللہ عَزَّوَجَلَّ)

شيخ طريقت، اميرِ اهلسنّت، باني دعوتِ اسلامي حضرت علّامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطّار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَکَاتُھُمُ الْعَالِیَہ آسان ۽ بهتر انداز ۾ فڪرِمدينہ (يعني پنهنجو مُحاسَبو) ڪرڻ جي باري ۾ جيڪا رهنمائي فرمائي آهي، اها واقعي ساراهہ لائق ۽ عمل ڪرڻ جوڳي آهي، پاڻ هن پُرفِتَن دور ۾ آساني سان نيڪيون ڪرڻ ۽ گُناهن کان بچڻ جي طريقن تي مُشتَمِل شريعت وطريقت جو جامع مجموعو بنام"**مَدَني اِنعامات**" سُوالات جي صورت ۾ عطا فرمايو آهي. اسلامي ڀائرن جي لاءِ 72، اسلامي ڀينرن جي لاءِ 63، علمِ دين جي شاگردن لاءِ 92، دِيني شاگردياڻن جي لاءِ 83، مَدَني مُنّن ۽ مدني مُنّين جي لاءِ 40، خُصُوصي

www.dawateislami.net

(يعني گونگن ٻوڙن) اسلامي ڀائرن جي لاءِ 27 مَدَني اِنعامات عطا فرمايا آهن.

## مدني انعامات تي عمل ڪندڙن جي لاءِ دُعاءِ عطار

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! شيخِ طريقت، اميراهلسُنَّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه مدني انعامات جو سلسلو ڇو شروع فرمايو، ان جو سبب بيان ڪندي فرمائن ٿا: ”مَدَني ڪم ۾ ترقي، اَخلاقي تربيت ۽ تقويٰ ملي، ان مقصد سان مون ”مَدَني انعامات“ جو سلسلو شروع ڪيو. (جنّت کے طلبگاروں کے لیے مدنی گلدستہ، ص۲۵) جڏهن مون کي خبر پوندي آهي ته فُلاڻو اسلامي ڀاءُ يا اسلامي ڀيڻ جو ”مَدَني انعامات“ تي عمل آهي ته دل باغ باغ بلڪ باغِ مدينه ٿي ويندي آهي يا ٻڌندو آهيان ته فُلاڻ زبان ۽ اکين جو يا ان مان ڪنهن هڪ جو ”قفلِ مدينه“ لڳايو آهي ته عجيب ڪيف ۽ سُرُور حاصل ٿيندو آهي.“ ”مَدَني انعامات“ جي مُطابق عمل ڪرڻ وارن کي اميرِاهلسُنَّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه پنهنجي دعائن سان ڪهڙي طرح نوازين ٿا، اچو! اسان به ٻڌون ٿا:”الله عَزَّوَجَلَّ اوهان کي مدينه منوره جي سدا بهارگلن جيان مسڪرائيندو رکي، ڪڏهن به اوهان جون خوشيون ختم نه ٿين، حيات ومَمَات (يعني زندگي ۽ موت)، بَرزَخ ۽ سَڪرات (حالتِ نزع) ۽ قيامت جي جان سوز گهڙين ۾ هر جڳهه مَسَرَّتون ۽ شادمانيون نصيب ٿين. الله عَزَّوَجَلَّ اوهان جي ۽ تمام قبيلي جي مغفرت ڪري، جنتُ الفِردَوس ۾ اوهان کي پنهنجي پياري حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو پاڙو عطا فرمائي. (جنّت کے طلبگاروں کے لیے مدنی گلدستہ، ص33 )

اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه مدني انعامات تي عمل ڪرڻ وارن جي لاءِ ولايت جي دُعا ڪندي الله تعاليٰ جي بارگاهه عالي ۾ عرض ڪن ٿا.

تُو ولی اپنا بنالے اس کو ربّ لم یزل
”مدنی انعامات“ پر کرتا ہے جو کوئی عمل

www.dawateislami.net

## مدني انعامات جي اهميت

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ”مَدَني انعامات“جو عظيم تحفو نہ صرف اَسلاف رَحِمَهُمُ اللهُ تَعَالٰی جي ياد ڏياري ٿو بلڪ ان جي نقشِ قدم تي هلندي فِڪرِ مدينہ ڪرڻ جو بهترين ذريعو بہ آهي، اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلّ مدني انعامات تي عمل جي برڪت سان بعض اسلامي ڀائر عطار جا دوست، ڪي عطار جا پيارا، بعض محبوبِ عطار ۽ ڪجھ تہ عطار جا منظورِ نظر بہ بڻجڻ جي سعادت ماڻي رهيا آهن، ان مدني انعامات تي عمل ڪري اسان پنهنجي ۽ سڄي دُنيا جي ماڻهن جي اِصلاح جي ڪوشش جو عظيم جذبو ماڻي سگهون ٿا، مَدَني اِنعامات جي رسالي کي کولي ان ۾ ڏنل سُوالن جي جوابن ۾ ڀاڻ ئي ”ها“ يا ”نہ“ جي ذريعي پنهنجي عمل جي چڱي بُري هيئڻ جو جائزو وٺندي پنهنجي غلَطين کي سُڌاري سگهون ٿا. جڻ اهو مَدَني اِنعامات اسان کي روزانو پنهنجي ئي قائم ڪيل خود اِحتِسابي جي عدالت ۾ حاضر ڪري پنهنجي ئي ضمير سان فيصلہ ڪرائيندا ۽ اسان کي پنهنجي اِصلاح ۽ نَجات جو موقعو فراهم ڪن ٿا. حقيقت ۾ اهي مَدَني اِنعامات جنّت ۾ وني وڃڻ وارا عمل ڪرڻ ۽ جَهنَّم ۾ ڪٽي وڃڻ وارن عملن کان بچڻ جي ترغيب جو مجموعو آهن. جڻ شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه اسان جي عملي بد حالي ڏسندي اسان جي اِصلاح جو هڪ انوکو طريقو اِختيار ڪيو آهي، تہ جيئن اسان روزانو مُقرَّر وقت تي فڪرِ مدينہ تي اِستِقامت حاصل ڪري سگهون. اهو ئي سبب آهي جو بيشُمار اسلامي ڀائر، اسلامي ڀينرون ۽ شاگرد ۽ شاگرداڻيون روزانو سمهڻ کان ڀهريان ”فڪرِمدينہ“ ڪندي مَدَني اِنعامات جي رسالي ۾ ڏنل خانا ڀريندا آهن، جنهن جي برڪت سان نيڪ بڻجڻ ۽ گُناهن کان بچڻ جي راهہ ۾ حائل رُڪاوٽون الله عَزَّوَجَلَّ جي فَضل ۽ ڪَرم سان ڀري ٿي ويندڀون آهن، پابندِ سُنّت بڻجڻ، گُناهن کان نفرت

www.dawateislami.net

ڪرڻ ۽ ايمان جي حِفاظت جي لاءِ فڪر ڪرڻ جو ذهن بہ بڻجندو آهي.

## ڪتاب ”فِڪرِ مدينہ“ جو تعارُف

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! فِڪرِ مدينہ جي باري ۾ تَفصِيلي معلومات حاصل ڪرڻ، فڪرِ مدينہ تي استقامت ماڻڻ، پابندِ سنت بڻجڻ ۽ ايمان جي حفاظت جو جذبو ماڻڻ جي لاءِ مڪتبةُ المدينہ جو شايع ٿيل 166صفحن تي مُشتَمِل ڪتاب” فڪرِمدينہ“ جو مُطالعو نِهايت مُفيد آهي. هن ڪتاب ۾ فڪرِ مدينہ (عمل جو مُحاسَبو ڪرڻ) جي ضرورت ۽ اَهمّيت، ان جا فائدا، قرآن ۽ حديث جي روشني ۾ مُحاسَبو ڪرڻ جو ثُبُوت ۽ بُزرگانِ دِين جي فڪرِ مدينہ جا واقعا بيان ڪرڻ سان گڏوگڏ مُختلف موضوعن تي فڪرِ مدينہ ڪرڻ جو عملي طريقو بہ بيان ڪيو ويو آهي. ان جي علاوه اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيه جا 2 رسالا پڙهڻ بہ هن باري ۾ نهايت مُفيد ٿيندا، هڪ جو نالو آهي "نيڪ بڻجڻ جو نُسخو" ۽ ٻئي رسالي جو نالو آهي"مان سُڌرڻ چاهيان ٿو". تمام اسلامي ڀائرن کان مَدَني اِلتِجا آهي تہ هن ڪتاب کي اڄ ئي مڪتبة المدينہ تان هديةً طلب فرمائي هن جو مُطالعو ڪريو. دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ www.dawateislami.net تان هن ڪتاب ۽ هنن 2 رِسالن کي رِيڊ (يعني پڙهي) بہ سگهجي ٿو، ڊاؤن لوڊ (Download) ۽ پرنٽ آؤٽ (Print Out) بہ ڪري سگهجي ٿو.

## نَجات جو بهترين ذريعو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! مَدَني اِنعامات جي باري ۾ جيڪڏهن اهو چيو وڃي تہ هي نجات جي راهہ تي هلڻ جو هڪ بهترين ذريعو آهي تہ شايد غَلَط نہ ٿيندو، ڇوتہ ان مان بعض مَدَني اِنعامات فَرائِض تي، بعض واجِبات تي ۽ بعض سُنَن ۽ مُستَحَبّات تي مُشتَمِل آهن ۽ يقيناً اهي تمام ڪم اُخروِي نَجات جو سبب آهن، اچو! هن مان ڪجھ مَدَني اِنعامات جي باري ۾ ٻڌون ٿا، جيئن

مَدَني اِنعام نمبر 1 ۾ آهي: ”ڇا اڄ توهان ڪجهه نہ ڪجهه جائز ڪمن کان پهريان سنيون سنيون نيّتون ڪيون، ۽ گهٽ ۾ گهٽ ٻن ڇڙن کي هن جي ترغيب ڏياري؟

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيشڪ سٺي نيت ڪرڻ هڪ اهڙو عمل آهي جيڪو محنت جي اعتبار کان بيحد هلڪو، پر اجر ۽ ثواب جي لحاظ کان بيحد عظيم آهي. ان ڪري اسان کي گهرجي تہ هر نيڪ عمل کان پهريان سنيون سنيون نيتون ڪيون، ايستائين جو کائڻ، پيئڻ، سمهڻ، لباس پائڻ ۽ نڪاح ڪرڻ ۾ بہ سٺي نيت شامل حال هجي. مثال طور کائڻ پيئڻ سان الله عَزَّوَجَلَّ جي اطاعت تي قوت حاصل ڪرڻ جي نيت هجي. لباس پائڻ وقت اها نيت هجي تہ الله عَزَّوَجَلَّ مون کي پنهنجي پوشيده شيون لڪائڻ جو حڪم ڏنو آهي ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي نعمت جي اظهار جي نيت هجي. سمهڻ کان اهو مقصد هجي تہ جيڪي عبادتون الله عَزَّوَجَلَّ فرض ڪيون آهن، انهن کي ادا ڪرڻ ۾ مدد حاصل ٿئي. نڪاح ڪرڻ ۾ پاڪدامني حاصل ڪرڻ ۽ حرام کان بچڻ جي نيت هجي. اچو! بزرگانِ دِين جي زباني نِيت جي اهميت ۽ فضيلت تي مشتمل چند نصيحت آموز قول ٻڌون ٿا:

بزرگانِ دِين کان منقول آهي: اڪثر ننڍن عملن کي نِيت وڏو ڪندي آهي ۽ گهڻا وڏا عمل نِيت جي ڪري ننڍا ٿي ويندا آهن. (قوت القلوب،الفصل الثامن والثلاثون...الخ،۲/۲٦۸) حضرت سَيِّدُنا امام محمد بن محمد غزالي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: عمل جا ٽنئي نيتون آهن، عمل نِيت جو محتاج آهي تہ جيئن ان جي ڪري بهتر ٿي وڃي جڏهن تہ نِيت بذاتِ خُود خير (ڀلائي) آهي، جيتوڻيڪ ڪنهن رُڪاوٽ جي ڪري عمل دشوار ٿي وڃي. (احياء العلوم،۵/۲۲۳) حضرت سَيِّدُنا سُفيان ثوري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جن فرمائن ٿا: اڳي جا ماڻهو عمل جي لاءِ ان طرح نِيت جي

www.dawateislami.net

علم کي سکندا هئا جهڙي طرح عمل سکندا هئا. بعض عالم سڳورن فرمايو: عمل کان پهريان ان جي نِيت سکو ۽ جيستائين اوهان نيکي جي نِيت تي رهندو، پلائي تي رهندو. (قوت القلوب، ۲/۲٦۸)

اَچّھی اَچّھی نِیّتوں کا ہو خدا جذبہ عطا
بندۂ مُخلِص بنا کر عَفْو میری ہر خطا

(نيکي جي دعوت،ص۹۳)

اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيه دُعا فرمائي رهيا آهن تہ يا الله عَزَّوَجَلَّ مون کي سنين سنين نيتن جو جذبو عطا فرماءِ، مون کي پنهنجو مُخلص ٻانهو بڻاءِ ۽ منهنجي هر خطا معاف فرماءِ .

## چڱي نِيت تي ربُ الانام جو انعام

دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مکتبة المدينہ جي شايع ٿيل 656 صفحن تي مشتمل ڪتاب "**فيضانِ رياضُ الصالحين**" صفحي نمبر31 تي آهي: منقول آهي تہ **بني اسرائيل** جو هڪ شخص ڏڪار جي زماني ۾ واريءَ جي هڪ ڍير وٽان گذريو تہ دل ۾ چيائين: جيڪڏهن اها وارِي اناج هجي ها تہ مان هن کي ماڻهن تي صَدَقو ڪيان ها. الله عَزَّوَجَلَّ ان دَور جي نبي عَلَيه السَّلام تي وَحي موڪلي تہ ان کي ٻڌايو! الله عَزَّوَجَلَّ تنهنجو صَدَقو قبول ڪري ورتو آهي ۽ سٺي نيت جي بدلي توکي ايترو ثواب ڏنو آهي جيترو ان وقت ملي ها، جڏهن اها واري اناج هجي ها ۽ تون ان کي صَدَقو ڪرين ها. (قوت القلوب،۲/۲٤۱)

اَچّھی اَچّھی نِیّتوں کا ہو خدا جذبہ عطا
بندۂ مُخلِص بنا، کر عَفْو میری ہر خطا

www.dawateislami.net

## ”يومِ تعطيل اعتكاف“

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيان ڪيل بزرگانِ دين جي قولن ۽ حڪايتن مان نِيت جي اَهمّيت ۽ فضيلت معلوم ٿي، تنهنڪري هر نيڪ ۽ جائز ڪم کان پهريان ڪجهہ نہ ڪجهہ سٺيون سٺيون نيتون ڪرڻ گهرجن تہ جيئن اسان سٺين نيتّن جون برڪتون ماڻڻ ۾ ڪامياب ٿي سگهون. هر جائز ڪم ۾ سٺيون نيتون ڪرڻ جو ذهن بنائڻ جي لاءِ دعوت اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ رهو ۽ سنتن جو پيڪر بڻجڻ جي لاءِ 12مدني ڪمن ۾ پاڻ کي عملي طور شامل ڪريو. 12مدني ڪمن مان هفتيوار هڪ مدني ڪم ”يومِ تَعطِيل اِعتِڪاف“ بہ آهي. "يومِ تعطيل اعتڪاف" ۾ جيئن تہ اڪثر وقت مسجد ۾ گذارڻو پوندو آهي، هن سان مسجدون بہ آباد ٿينديون آهن، هڪ هڪ لمحو عِبادَت ۾ گذارڻ جي سعادت حاصل ٿيندي، مسجد سان مَحبَّت ڪرڻ ۽ ان ۾ پنهنجو وڌ کان وڌ وقت گُذارڻ جي وڏي فضيلت آهي جيئن

حضرت سَيدُنا ابُو سَعِيد خُدرِي رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ رسالت، شهنشاه نُبُوّت صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جڏهن توهان ڪنهن شخص کي ڏسو تہ هو مسجد ۾ ڪثرت سان اچ وڃ رکڻ وارو آهي تہ ان جي اِيمان جي گواهي ڏيو ڇوتہ الله عَزَّوَجَلَّارشاد فرمائي ٿو:

اِنَّمَا یَعْمُرُ مَسٰجِدَ اللّٰهِ مَنْ اٰمَنَ بِاللّٰهِ وَ الْیَوْمِ الْاٰخِرِ وَ اَقَامَ الصَّلٰوةَ وَ اٰتَى الزَّكٰوةَ

(پ ۱۰ ،التوبه :۱۸)

**ترجموڪنز الايمان:** الله جُون مسجدُون تہ فقط اُهي ئِي آباد ڪندا آهِن جيڪِي الله ۽ قِيامَت تي اِيمان رکن ۽ نماز قائم ڪندا آهِن ۽ زڪوات ڏيندا آهِن

(ترمذي ، ڪتاب الايمان ، با ب ماجاء في حرمة الصلوة ،۲۸۰/۴،رقم: ۲۶۲۶)

## مدني انعامات تي عمل جون برڪتون

بابُ المدينہ (ڪراچي) جي علائقي پُراڻو گوليمار ڊويزن ”فيضِ مرشد“

جي هڪ اسلامي ڀيڻ جي تحريري بيان جو خلاصو آهي ته منهنجي دعوت اسلامي جي مشڪبار مدني ماحول سان وابستگي جو سبب ڪجھ ائين بڻيو جو دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابسته هڪ اسلامي ڀيڻ انفرادي ڪوشش ڪندي اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو عطا ڪيل نيڪ بڻجڻ جو نسخو "مدني انعامات جو رسالو" تحفي ۾ ڏنو ۽ ان جو مطالعو ڪرڻ ۽ روزانو فڪرِ مدينه ڪندي ان کي پرڻ جو ذهن ڏنو. مون نيت ڪئي ته روزانو فڪرِ مدينه ڪندي مدني انعامات جي رسالي کي ضَرُور پُر ڪنديس. مون جڏهن مدني انعامات جي رسالي ۾ ڏنل سوال پڙهيا ته منهنجي حيرت جي انتها نه رهي، ڇوته ان ۾ اهڙين اهڙين نيڪين جي ترغيب ڏياري وئي هئي جو جنهن کان مان بلڪل غافل هئس. ان کان بعد اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مون مدني انعامات تي عمل کي پنهنجي زندگي جو معمول بڻائي ورتو، جنهن جي برڪت سان مون کي نمازن جي پابندي نصيب ٿي، نيڪين سان محبت ٿي ۽ گناهن کان بچڻ جو ذهن بڻيو. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ تادمِ تحرير مُبلِّغه دعوتِ اسلامي جي حيثيت سان مدني ڪمن ۾ ترقي ۽ عروج جي لاءِ ڪوشش ڪيان پئي. الله عَزَّوَجَلَّ اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه تي پنهنجي خاص رحمتن جو نزول فرمائي ۽ دعوتِ اسلامي کي تَرقِي ۽ عُروج عطا فرمائي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

شيخِ طريقت،اميرِ اهلسُنَّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه مسلمانن کي روزانو پنج ئي نمازون تڪبيرِ اُوليٰ سان مسجد جي پهرين صف ۾ باجماعت ادا ڪرڻ جو ذِهن ڏيڻ جي لاءِ هڪ مدني اِنعام اهو به عطا فرمايو آهي: **ڇا اڄ توهان پنج ئي نمازون مسجد جي پهرين صف ۾ تڪبير اُوليٰ سان باجماعت ادا ڪيون؟** ۽ هر

www.dawateislami.net

پيري ڪنهن هڪ کي پاڻ سان گڏ مسجد وٺي وڃڻ جي ڪوشش فرمائي؟

هن مَدَني اِنعام جي باري ۾ امير اهلسُنَّت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه پنهنجي رسالي”نيڪ بڻجڻ جو نُسخو“ صفحي 11 تي فرمائن ٿا: رُڳو هن هڪ مدني انعام تي ڪو صحيح معنيٰ ۾ عمل ڪرڻ وارو بڻجي وڃي ته اِنۡ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ان جو بيڙو پار ٿي ويندو، ”اچو! هن مدني انعام تي عمل جي نيت سان نماز پڙهڻ جي فضيلت پڙهو ۽ جهومو، جيئن

اميرالمومنين حضرتِ سَيدُنا عُثمانِ غني رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ فرمائن ٿا: مون نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي هي فرمائيندي ٻڌو ته جنهن مسلمان تي فرض نماز جو وقت اچي ۽ هو نماز جي لاءِ سنتي طريقي سان وضو ڪري ۽ ان کي خُشوع ۽ خُضوع سان ادا ڪري، ته اها نماز ان جي اڳوڻن گُناهن جي لاءِ ڪفّارو بڻجي ويندي جيستائين ڪبيره گُناهه جو اِرتڪاب نه ڪري ۽ اهو عمل سڄي زندگي جاري رهندو يعني اها نماز ان جي گناهن جو ڪفارو بڻجندي رهندي. (مسلم، ڪتاب الطهارة ، با ب فضل الوضوء و الصلوة عقبه،ص ١٤٢، رقم ٢٢٨)

## پهرين صَف جي اَهمِيت

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هن مَدَني اِنعام ۾ پهرين صف ۾ نماز پڙهڻ جي به تَرغِيب ڏياري وئي آهي، جنهن جي باري ۾ حديثِ پاڪ ۾ فرمايو ويو ته جيڪڏهن ماڻهن کي هي معلوم ٿي وڃي ته اذان ڏيڻ ۽ پهرين صَف ۾ نماز پڙهڻ ۾ ڪيترو اَجر آهي ۽ پوءِ اُنهن کي قُرعَہ اَندازي (ڪڻو) جي بغير اهي سَعادتون حاصل نه ٿينديون ته ان جي خاطر ضرور قُرعَہ اندازي ڪندا.

(مسلم ، ڪتاب الصلوة، باب تسوية الصفوف واقامتها۔۔۔الخ، ص٢٣١، حديث:٤٣٧)

سُبۡحٰنَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ! اوهان ڏٺو ته نماز ڪيتري قدر عظيمُ الشّان عبادت آهي ته

www.dawateislami.net

جيڪو خوش نصيب مسلمان خُشوع ۽ خُضوع سان ادا ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿئي ته الله عَزَّوَجَلَّ ان کي نماز پڙهڻ جو هي صِلو عطا فرمائيندو آهي جو ان جي نمازن کي سچي زندگي جي لاءِ ان جي گناهن جو ڪفّارو بڻائيندو آهي. جيڪڏهن اسان پنهنجي بزرگن جي زندگي جي احوال جو مطالعو ڪيون ته معلوم ٿيندو ته اهي نيڪ ماڻهو بيماري ۾ به مسجد جي حاضري ۽ باجماعت نماز جي ادائيگي کان غافل نه ٿيندا هئا، جيئن

صحابي رسول حضرتِ سيدُنا زبير بن عوّام رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہ جا پوٽا حضرتِ سيدُنا عامر رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ سڪرات جي عالم ۾ تڪليف ۾ هئا ته مغرب جي اذان شُروع ٿي وئي، پاڻ فرمايائون: منهنجو هٿ پڪڙيو! (۽ مون کي مسجد پهچايو) عرض ڪيو ويو: اوهان بيمار آهيو، ارشاد فرمايائون: مان الله عَزَّوَجَلَّ جي سڏ کي ٻڌان ۽ قبول نه ڪيان! (يعني ائين ڪرڻ منهنجي برداشت کان ٻاهر آهي) پوءِ ماڻهو اوهان جو هٿ پڪڙي مسجد وٺي آيا ۽ اوهان مغرب جي جماعت ۾ شامل ٿيا، اجا هڪ رڪعت ئي ادا ڪئي هئي جو سندن رُوح قَفَسِ عنصري مان پرواز ڪري ويو. (سير اعلام النبلاء،عامر بن عبد الله بن الزبير بن العوام ، ٦/٥٢)

موت ایمان پہ دے مدینے میں اور محمود عاقبت فرما
تُو شرف زیرِ گنبد خضرا مجھ کو مرنے کا مرحمت فرما

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## مدرسةُ المدينہ جو تَعارُف

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيان ڪيل واقعي مان انهن ماڻهن کي عبرت حاصل ڪرڻ گهرجي جيڪي ڪيئي ڀيرا نماز پڙهڻ جون فضيلتون ۽ نه پڙهڻ جون

www.dawateislami.net

وعيدون پڙهڻ ٻڌڻ جي باوجود بيماري تہ بيماري صحت جي حالت ۾ بہ نماز پڙهڻ لاءِ تيار ناهن جڏهن تہ ڪي تہ معمولي مٿي جي سور ۽ نزلي زُڪام جي سبب بہ نماز ڇڏي ڏيندا آهن، تنهنڪري پاڻ بہ نماز جي عادت بڻايو ۽ پنهنجي ٻارن ڪي بہ نماز ۽ سُنّتن جو عادي بنايو.

اَلحَمدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مدني مُنّن ۽ مدني مُنّين جي مدني تربيت جي لاءِ دعوتِ اسلامي جو هڪ شعبو مدرسةُ المدينہ (للبنين وللبنات) قائم آهي.جنهن ۾ دُرُست مَخارج سان قرآنِ ڪريم پڙهايو ويندو آهي، سنّتن جو عامل بڻايو ويندو آهي. اوهان بہ پنهنجن ٻارن ڪي تَجويد ۽ قراءت سان قُرآنِ ڪريم جي تعليم ڏيارڻ، اَخلاقي تربيت جي ذَريعي انهن ڪي نيڪ بنائڻ ۽ انهن ڪي پنهنجي لاءِ صَدَقہ جارِيہ بنائڻ جي لاءِ مدرسةُ المدينہ ۾ داخل ڪرايو.

هينئر تائين ڪم وبيش 69100 (اُڻٽهر هزار هڪ سو) مدني مٽن ۽ مدني مٽين حفظِ قرآن ۽ اٽڪل 195242 (هڪ لک پنمجانوي هزار بہ سو ٻائيتاليهہ) ناظره قرآن پڙهڻ جي سعادت حاصل ڪئي، هر سال رمضان جي مهيني ۾ تراويح ۾ هزارين حافظ قرآنِ ڪريم (مُصلّو) ٻڌائڻ/ ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪندا آهن.

نہ تھی حال کی جب ہمیں اپنے خبر رہے دیکھتے اَوروں کے عیب و ہُنر
پڑی اپنی بُرائیوں پہ جو نظر تو نگاہوں میں کوئی بُرا نہ رہا

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! شيخ طريقت، اميرِ اهلسُنَّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ العَالِيَه جهڙي نموني پاڻ پيڪرِ شرم و حَيا ۽ نگاهن جي حفاظت جي مُعاملي ۾ نهايت حسّاس آهن،

www.dawateislami.net

اهڙي طرح مدني انعامات جي ذريعي پنهنجي مُريدين، محبين ۽ واسطيدارن کي باحَيا بنائڻ ۽ نگاهن جي حفاظت جو ذِهن ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، جيئن مدني انعام نمبر37 آهي: ڇا اڄ توهان پنهنجي گهر جي واراندن مان (بنا ضرورت) ٻاهر ۽ پڻ ڪنهن ٻئي جي دروازن وغيره مان انهن جي گهرن جي اندر جهاتيون پائڻ کان بچڻ جي ڪوشش ڪئي؟

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! عِلمِ دِين کان دُوري سبب ڪي ماڻهو گهرن جي دروازن مان بي ڌڙڪ جهاتيون پائڻ جي آفت ۾ مبُتلا نظر اچن ٿا، بالفرض دروازو کليل نہ هجي تہ جهاتيون (ليئا) پائي ڏسندا آهن، سوراخن مان ڏسندا آهن، دري يا کهڙڪين مان جهاتيون پائيندا آهن، پردو هٽائي ڏسندا آهن ۽ هن ڳالھ جي بلڪل بہ پروا نٿا ڪن تہ ڪو پنهنجي گهر ۾ ڪهڙي حالت ۾ ويٺل هوندو. ياد رکو! ڪنهن جي گهر ۾ جهاتيون پائڻ جي شريعت ۾ سختي سان مُمانعت آهي.

حُضُور تاجدارِ مدينہ منوّره، سلطانِ مکہ مکرّمہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عبرت نشان آهي: ”جنهن اجازت ملڻ کان پهريان ئي پردو هٽائي ڪري گهر جي اندر نظر ڪئي ۽ گهروارن جي ستر کي ڏٺو، ان اهڙو ڪم ڪيو جيڪو ان جي لاءِ حلال نہ هو جڏهن ان ڏٺو جيڪڏهن ڪير وڌي ڪري ان جي اک ڪڍي ڇڏي تہ انهي تي آئون اُن (يعني اک ڪڍڻ واري) کي شرم نہ ڏياريندس. جيڪڏهن ڪنهن اهڙي دروازي وٽان گذريو جنهن تي ڪوئي پردو نہ آهي ۽ نہ دروازو بند آهي، پوءِ جيڪڏهن اُن بنا ارادي جي ڏٺو تہ ان تي گناھ ناهي بلڪ خطا گهر وارن جي آهي. (ترمذي، كتاب الاستيذان والآداب،باب ماجاء في الاستيذان ...الخ،٤/ ٣٢٤ ،حديث :٢٧١٦)

مُفسِّرشهير حڪيمُ الاُمَّت حضر تِ مفتي احمد يارخان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ان حديثِ

www.dawateislami.net

پاڪ جا لفظ ”اُن کي شرم نه ڏياريندس“ جي تحت فرمائن ٿا: يعني اک کڏڻ واري کي نه ته ڪا سزا ڏيندس، نه بُرو پلو چوندس، ڇاڪاڻ ته اِتي قصور اُن جهاتي پائڻ واري جو آهي (ياد رهي!) حنفين جي ويجهو اهو فرمانِ عالي ڏيڄارڻ ڌمڪائڻ جي لاءِ آهي نه ته اُن اک کڏڻ واري کان اک جو قصاص ضرور ورتو ويندو ربّ تعاليٰ فرمايو: اک ته اک جي بدلي ۾ کڏي سگهجي ٿي نه کي جهاتي پائي ڏسڻ جي عوض. (مرآة المناجيح،۵/۲۵۷)

اسان جا اسلاف ٻين جي گهرن ۾ جهاتيون پائڻ کي ڪيتري قدر برو سمجهندا هئا، اچو! هن باري ۾ 2 عبرت آموز حڪايتون ٻڌون ٿا، جيئن

حضرت سيدُنا عبدُ الله بن عُمر رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْهما پنهنجي هڪ رفيق (دوست) سان گڏ ڪنهن شخص جي گهر تشريف ڪٺي ويا. جڏهن ان جي گهر ۾ داخِل ٿيا ته سندن رفيق هيڏانهن هوڏانهن ڏسڻ لڳو ته حضرتِ سيدُنا ابنِ عمر رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْهما جن فرمايائون: جيڪڏهن تنهنجون ٻئي اکيون نه هجن ها ته تنهنجي لاءِ بهتر هو. (الادب المفرد،ص۳۳۳،حديث: ۱۳۰۵)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اوهان ٻڌو ته بِلا ضرورت گهرن ۾ جهاتيون پائڻ ڪيتري قدر تباه ڪن آهي، تنهنڪري عقلمندي جو مظاهرو ڪندي هن بُري آفت کان پاڻ کي به بچايو، پنهنجي گهر وارن ۽ ٻين اسلامي ڀائرن کي به بچڻ جي ترغيب ڏياريو، ان جي لاءِ مَدَني انعامات تي عمل ڪندي روزانو فکرِ مدينه ڪريو، اِنْ شَآءَاللہ عَزَّوَجَلَّ هن جي برڪت سان ڪيئي مُهلڪ (هلاڪت ۾ وجهڻ وارين) بيمارين کا ڇوٽڪارو نصيب ٿيندو.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

متا متا اسلامي ڀائرو! شيخِ طريقت، اميرِاَهلسُنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه مدني انعامات جي ذريعي مسلمانن جي عيبن ۽ انهن جي رازن جي پرده پوشي جي به ترغيب ڏياري آهي جيئن مدني انعام نمبر 42 ۾ فرمائن ٿا:" ڇا اڄ توهان ڪنهن مسلمان جي عيبن جي خبر پوڻ تي ان جي پردهه پوشي ڪئي يا (بنا شرعي مصلحت جي) ان جو عيب ظاهر ڪري ڇڏيو؟ ۽ ڪنهن جي راز جي ڳالهه (بغير ان جي اجازت جي) ٻئي سان ڪري خيانت ته نه ڪئي؟

عام طور ڪن ماڻهن جي اها عادت هوندي آهي ته هو مسلمانن جا عيب ڳولهيندا رهندا آهن، ۽ جڏهن ان بُري مقصد ۾ ڪامياب ٿي ويندا آهن ته موقعو ملندي ئي ماڻهن اڳيان ان جون خاميون بيان ڪندا آهن. اهڙي طرح ڪي پيٽ جي هلڪڙن ماڻهن ۾ اها بُري خصلت هوندي آهي ته ڪوئي ان تي ڪيترو ئي اعتماد ڪندي پنهنجي راز جي ڳالهه ٻڌائي ۽ ڪنهن کي نه ٻڌائڻ جي تاڪيد به ڪري، پر اهي ماڻهو عادت موجب سيني جي اڳيان ان جا راز کوليندا آهن ۽ انهن جي عزت مٽي ۾ ملائيندا آهن ۽ ڪنهن کي منهن ڏيکارڻ جي قابل ناهن ڇڏيندا، ماڻهن جا عيب بيان ڪرڻ ۽ انهن جا راز فاش ڪرڻ وارا دُنيا ۾ به ذِلّت جو مَزو چکندا آهن ۽ آخِرت ۾ به رُسوائي انهن جو مُقدَّر بڻجندي آهي. اچو! هن باري ۾ 3 مبارڪ فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٻڌون ٿا.

## مسلمانن جا عيب تلاش ڪرڻ جي سزا

1. فرمايائون: اي اهي انسانو جيڪي زبانن سان ته اِيمان آندو آهي، پر توهان جي دلين ۾ اڃا تائين اِيمان داخل ناهي ٿيو! مسلمانن جي غيبت ۽ انهن جا عيب نه ڳولهيندا ڪريو، ڇوته جيڪو مسلمانن جا عيب ڳولهيندو، الله عَزَّوَجَلَّ ان جا عيب ظاهر فرمائيندو ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جنهن جو عيب ظاهر ڪندو

www.dawateislami.net

آهي، ان کي رُسوا ڪري ڇڏيندو آهي، جيتوڻيڪ هو پنهنجي گهر ۾ هجي.
(شعب الايمان،باب فی تحريم اعراض الناس ، ۲۹٦/۵، حديث: ٦٧٠٤)

2. فرمايائون: طعنو ڏيڻ، غيبت ۽ چُغل خوري ڪرڻ ۽ بي گُناهه ماڻهن جي عيبن جي ڳولها ڪرڻ وارن کي الله تعاليٰ (قِيامت جي ڏينهن) ڪتّن جي شَڪل ۾ اُٿاريندو. (الترغيب والترهيب،کتاب الادب،الترهيب فی النميمة،۳/ ۳۹۵، حديث:۴۳۳۳)

3. فرمايائون: جڏهن ڪو شخص پاڻ ۾ هڪٻئي کي رازدار بڻائن ته هڪ جي لاءِ ٻئي جو راز فاش ڪرڻ جائز ناهي جنهن جو فاش ٿيڻ ٻئي کي ناگوار گذري. (شعب الايمان،حديث: ۱۱۱۹۱، ۷/۵۲۰)

نہ تھی حال کی جب ہمیں اپنے خبر — رہے دیکھتے اَوروں کے عیب و ہُنر
پڑی اپنی بُرائیوں پہ جو نظر — تو نگاہوں میں کوئی بُرا نہ رہا

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! — صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! مَدَني اِنعامات جي ذريعي جتي فرض ۽ واجِب تي اِستِقامت حاصل ٿيندي آهي، اتي پاڻ ۾ موجود ڪيئي هڪ مُعاشرتي ۽ اَخلاقي ڪمزورين کي پري ڪرڻ جو موقعو به ملندو آهي، تنهنڪري جيڪڏهن اسان صحيح معنيٰ ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جا فرمانبردار، سچّا عاشق رسول ۽ باعمل مُسلمان بڻجڻ چاهيون ٿا ته اسان کي شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي عطا ڪيل مَدَني اِنعامات کي ضرور اپنائڻ گهرجي، اهي مَدَني اِنعامات نجات جي راهه تي وٺي وڃڻ وارا آهن، اهي مدني انعامات نيڪ بڻجڻ جو بهترين مَدَني نُسخو آهن ۽ اهي مدني انعامات خاص ڪري گُناهن جي مَرض جي لاءِ بهترين دَوا ثابت ٿيندا آهن.اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه فرمائن ٿا: مون کي مَدَني اِنعامات

سان پيار آهي، جيڪڏهن اوهان الله عَزَّوَجَلَّ جي رِضا جي خاطِر بِصَميمِ قَلب (يعني سچّي دل سان) هنن کي قبول ڪري انهن تي عمل شُروع ڪري ڇڏيو ته جيئري ئي، تمام جلد اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ان جون برڪتون ڏسندو. اوهان کي اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ قلبي سڪون نصيب ٿيندو، باطِن جي صَفائي ٿيندي ، خوفِ خدا ۽ عشقِ مُصطَفٰي جا چشما اوهان جي قلب مان ڦٽي پوندا.

اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ اوهان جي عَلائقي ۾ دعوتِ اسلامي جو مَدَني ڪم حيرت انگيز حَد تائين وڌي ويندو. جيئن ته مَدَني اِنعامات تي عمل الله عَزَّوَجَلَّ جي رِضا جي حُصُول جو ذريعو آهي، تنهنڪري شيطان اوهان کي گهڻي سُستي ڏياريندو، طرح طرح جا حِيلا بهانا سڪاريندو، اوهان جي دِل نه لڳندي، پر اوهان همّت نه هاريو، اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ دِل به لڳي ئي ويندي.

اے رضاؔ ہر کام کا اِک وقت ہے دِل کو بھی آرام ہو ہی جائے گا

(حدائقِ بخشش،ص۳۲)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مَدَني اِنعامات جون برڪتون

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! مدني انعامات تي عمل، حقيقت ۾ قرآن ۽ حديث جي بعض اَحڪامن ۽ بُزرگن جي معمولات تي عمل ڪرڻ آهي، هنن تي عمل جون ايتريون برڪتون آهن جنهن جو اندازو نٿو لڳائي سگهجي مثال طور ◈ مدني انعامات جي برڪت سان نيڪ ۽ جائز ڪمن ۾ سنيون سنيون نيتون ڪري ثواب وڏائڻ جو موقعو ملندو آهي ◈ مدني انعامات جي برڪت سان فرض ۽ واجِبات يعني نمازن جي اَدائيگي ۽ جماعت جي پابندي نصيب ٿيندي آهي ◈ مدني انعامات جي برڪت سان نفل روزن جي عادت ٻڌجندي آهي ◈

www.dawateislami.net

مدني انعامات جي برڪت سان اَورَاد ۽ وظائِف تي اِستِقامت نصيب ٿيندي آهي ◈ مدني انعامات جي برڪت سان اميرِ اهلسُنّت،عُلَماءِ اهلسُنّت جي ڪتابن جي مطالعي جو شوق پيدا ٿيندو آهي ◈ مدني انعامات جي برڪت سان قرآنِ پاڪ سکڻ، روزانو 3 آيتن جي تلاوت، ترجمو ۽ تفسير سان سمجهڻ جو موقعو ملندو آهي◈ مدني انعامات جي برڪت سان نيڪي جي دعوت جون فضيلتون نصيب ٿينديون آهن ◈ مدني انعامات جي برڪت سان فلمن ڊرامن، گانا باجن، تهمتن، گارين، ڪوڙين ڳالهين، چُغلين، واعدي خِلافين، طَنز ۽ دِل آزارِين، ٺهڪن، حَسَد، تڪبّر، نِفاق، رِياڪاري ۽ خِيانت جهڙي مُعاشرتي، غيراخلاقي ۽ غير شرعي فعلن ۽ حَرڪتن سان نفرت حاصل ٿيندي آهي ◈ مدني انعامات جي برڪت سان هفتيوار سُنّتنن ڀري اجتماع ۽ مدني مذاڪري ۾ شِرڪت جو شرف حاصل ٿيندو آهي ◈ مدني انعامات تي عمل ڪرڻ سان دعوتِ اسلامي جي مَدَني ماحول ۾ اِستِقامت ملندي آهي.

مدني انعامات ۾ رِضاءِ ربُّ الانام جي مدني ڪمن بابت تفصيل موجود آهي، **عطار جو دوست** ڪير آهي، **عطار جو پيارو** ڪنهن کي چون ٿا؟ **عطار جو منظورِ نظر** ڪيئن بڻجي سگهجي ٿو ؟**محبوبِ عطار** بڻجڻ جي لاءِ ڇا ڪرڻو پوندو، اهو سڀ ڪجھ ڄاڻڻ جي لاءِ هڪ ڀيرو "مدني انعامات" جي رِسالي جو ضرورضرور مطالعو ڪريو.

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اهو مختصر انداز سان ڪجھ مدني انعامات جي مدني بهارن جون جهلڪيون پيش ڪيون ويون آهن، اوهان هڪ ڀيرو مدني انعامات جو رِسالو حاصل ڪري اوّل تا آخر توجھ سان مطالعو ڪندو تہ اوهان شايد اهو چوڻ تي مجبور ٿي ويندو تہ "مدني انعامات تہ هڪ مسلمان جي لاءِ **بهترين نصابِ زندگي** آهن، **واه ڇا ڳالھ آهي مدني انعامات جي**!!!!

www.dawateislami.net

اڃو! اسان سڀ ملي ڪري نيت ڪيون ٿا تہ اسان بہ ◈ فيضانِ مدني انعامات مان حصّو ماڻڻ جي لاءِ هر مهيني **مدني انعامات جو رِسالو** حاصل ڪنداسين،
اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ◈ هڪ وقت مقرر ڪري روزانہ **فڪرِ مدينہ** جي سعادت حاصل ڪنداسين، اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ◈هر مهيني پابندي سان پنهنجي ذميدار کي مدني انعامات جو رِسالو جمع بہ ڪرائينداسين. اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ

مَدَنی اِنعامات کے عامِل پہ ہر دم ہر گھڑی
یاالٰہی!خُوب برسا رَحمتوں کی تُو جَھڑی

## مڪتوبِ عطار

منا منا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ ماه رَجَبُ الْمُرجب جي آمد آمد آهي، هن باري ۾ امير اهلسنّت جو مڪتوب پڙهو، امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه فرمائن ٿا:

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ

سگِ مدينہ محمّد الياس عطار قادري رضوي عُفِيَ عَنْه جي طرفان، تمام اسلامي ڀائرن، اسلامي ڀينرن ، مدارس المدينہ ۽ جامعاتُ المدينہ جي اساتذہ ، طَلَبہ معلمات ۽ طالبات جي خدمات ۾ ڪعبہء مُشَرّفہ جي چوڌاري گهمندو،گنبذ خضريٰ کي چمندو رَجَبُ المُرَجب، شَعبانُ المُعَظم ۽ رمضانُ المُبارڪ جي برڪتن سان مالا مال جهومندو سلام،

اَلسَّلَامُ عَلَيْڪُمْ وَ رَحْمَةُ اللهِ وَبَرَكَاتُهٗ
اَلْحَمْدُلِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ عَلٰى كُلِّ حَالٍ

ہو نہ ہو آج کچھ مِراذِکر حُضور میں ہوا ورنہ مِری طرف خوشی دیکھ کے مسکرائی کیوں

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ هڪ ڀيرو ٻيهر خوشين جا ڏينهن اچڻ لڳا، رَجَبُ الْمُرَجَّب جي مهيني جي آمد آمد آهي. هن مبارڪ مهيني ۾ عبادت جو ٻج پوکيو ويندو آهي، **شَعبانُ**

**المُعَظم** ۾ شرمساري جي لُڙڪن سان پاڻي ڏنو ويندو آهي ۽ **رمضان المبارڪ** جي مهيني ۾ رحمت جو فصل ڪٽيو ويندو آهي .

## رجب جي پهرين ٽن روزن جي فضيلت

**رَجَب المُرَجَّب جا قدر دانو!** تعليم و تعلُّم (پڙهڻ، پڙهائڻ) ۽ ڪسبِ حلال ۾ رڪاوت نہ ٿئي، ماءُ پيءُ بہ منع نہ ڪن تہ جلدي جلدي ۽ تمام جلدي مسلسل ٽن مهينن جا ۽ جنهن ڪان جيترو ٿي سگهي اوترن روزن جي لاءِ تيار ٿي وڃي، سحري ۽ اِفطار ۾ گهٽ ڪائي ڪري پيٽ جو **قفلِ مدينہ** بہ لڳائي . ڪاش! هر گهر ۾ ۽ منهنجي تمام مدارسُ المدينہ ۽ تمام جامعات المدينہ ۾ روزن جون بهارون اچي وڃن. بس پهرين رجب شريف ڪان ئي روزن جو آغاز فرمائي ڇڏيو.

## رجب جي ابتدائي 3 روزن جي فضيلت

رجب جي ابتدائي ٽن روزن جي فضائل جي بہ ڇا ڳالھ ڪجي! حضرت سيّدنا عبدالله بن عباس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا ڪان روايت آهي تہ بيچين دِلين جي چين، رحمتِ دارَين، تاجدارِ حَرمَين، سرورِ ڪَونَين، ناناءِ حَسَنَين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ رحمتِ نشان آهي: "**رجب جي پهرين ڏينهن جو روزو ٽن سالن جو ڪفارو آهي** ۽ ٻئي ڏينهن جو روزو ٻن سالن جو ۽ ٽين ڏينهن جو هڪ سال جو ڪفارو آهي، پوءِ هر ڏينهن جو روزو هڪ مهيني جو ڪفارو آهي" (الجامع الصغير للسيوطي ص 311 حديث 5051 فضائل شهر رجب للخلال ص 7)

میں گنہگار گناہوں کے سِوا کیا لاتا    نیکیاں ہوتی ہیں سرکارِ نکوکار کے پاس

نفلي روزن جون بہ ڇا نہ خوب بهارون آهن هن ضِمن ۾ بہ مبارڪ حديثون ملاحظہ فرمايو،

www.dawateislami.net

## (1) ملائڪ مغفرت جي دعا ڪندا آهن؟

حضرت سيّدَتُنا اُمِّ عُمارَه رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْھا فرمائن ٿيون: حُضُور پاڪ، صاحبِ لولاڪ، سَيَّاحِ اَفلاڪ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مون وٽ تشريف وٺي آيا تہ مون پاڻ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي خدمت بابرڪت ۾ کاڌو پيش ڪيو تہ ارشاد فرمايائون: "تون بہ کاءُ" مون عرض ڪيو: "مان روزي سان آهيان" تہ رحمتِ عالم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: "جيستائين روزيدار جي سامهون کاڌو ويندو آهي **فِرشتا ان روزيدار جي لاءِ دعاءِ مَغفِرت ڪندا رهندا آهن.** (سُنَنِ تِرمِذی، کتاب الصوم،باب ما جاء فی فضل الصائم...الخ،۲/ ۲۰۵ ،حدیث: ۷۸۵)

## (2) روزيدار جون هڏيون تسبيح ڪنديون آهن؟

حضرت سيّدنا بلال رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ نبيِّ اَڪرم، رحمتِ عالم، نُورِ مُجسم، شاهِ بني آدم، رسولِ مُحتَشَم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي خدمتِ مُعَظم ۾ حاضر ٿيا، ان وقت حُضُور پُر نُور، شافع يومُ النُّشور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ناشتو ڪري رهيا هئا، فرمايائون: اي بلال! ناشتو ڪري وٺو، عرض ڪيائون: **يارسول الله** صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! مان روزيدار آهيان، تہ **رسول الله** صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: اسان پنهنجي روزي کائي رهيا آهيون ۽ بلال جو رزق جنّت ۾ وڌي رهيو آهي. اي بلال! ڇا توکي خبر آهي تہ جيستائين روزيدار جي سامهون ڪجهہ کاڌو وڃي تيستائين انهي جون هڏيون تسبيح ڪنديون آهن، ان کي فرشتا دعائون ڏيندا آهن. (شُعَبُ الْإيمان ،باب فی الصیام،فضائل الصیام، ۳/ ۲۹۷حدیث: ۳۵۸۶)

مُفَسِّرِ شهير حڪيم الامت حضرت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا تہ هن مان معلوم ٿيو تہ جيڪڏهن کاڌو کائڻ دوران ڪو اچي وڃي تہ ان کي بہ کائڻ جي لاءِ سڏڻ سنت آهي، پر دِلي ارادي سان سڏي، ڪوڙي تواضُع (يعني صلاح) نہ ڪري ۽ اچڻ وارو بہ ڪوڙ ڳالهائي هيئن نہ چوي تہ مونکي خواهش

www.dawateislami.net

ناهي، تہ جيئن بک ۾ کوڙ گڏجي نہ وڃن، بلڪ جيڪڏهن (نہ کائڻ چاهي يا) کاڌو گهٽ ڏسي تہ چوي بَارَکَ اللهُ (يعني الله عَزَّوَجَلَّ تو کي برڪت ڏي) هي بہ معلوم ٿيو تہ سرورِ ڪائنات، شاهِ موجودات صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان پنهنجون عبادتون نہ لڪائڻ گهرجن، بلڪ ظاهر ڪيون وڃن تہ جيئن حضور پُر نُور، **شافعِ يومُ النُّشُور** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان تي گواهہ بڻجي وڃن، ۽ اهو رياء ناهي (حضرت سيدنا بلال رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي روزي جو ٻڌي ڪري جيڪو ڪجهہ فرمايو ويو ان جي شرح هي آهي) تہ يعني اڄ جي روزِي اسان تہ پنهنجي هتي ئي کائي ونون ٿا ۽ حضرت سيّدنا بلال رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ ان جي عِوَض جنّت ۾ کائيندا، اهو عوض (يعني بدلو) بهتر بہ هوندو ۽ زياده بہ، حديث بلڪل پنهنجي ظاهري معنيٰ تي آهي، واقعي ان وقت روزيدار جي هر هڏي ۽ جوڙ بلڪ رڳ رڳ تَسبِيح (يعني الله عَزَّوَجَلَّ جي پاڪي بيان) ڪندي آهي جنهن جو روزيدار کي پتو ئي ناهي هوندو، پر سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٻڌندا آهن. (مرآةالمناجيح،٣/ ٢٠٢بتغير قليل)

**مطالعو** ڪيو هجي تڏهن بہ ٻئي رسالا (1) **ڪفن جي واپسي** ۽ رجب جون بهارون ۽ (2) **آقا** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جو مهينو** پڙهي ڇڏيو، ۽ پڻ هر سال **شعبان المُعَظّم** ۾ **فيضان سنّت** جو باب **فيضانِ رمضان** ضرور پڙهي ڇڏيندا ڪريو. ٿي سگهي تہ **عيدِ مِعراجُ النبي**صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نسبت سان 127 يا 27 رسالا يا طاقت آهر **فيضانِ رمضان** بہ تقسيم فرمايو ۽ ڍيرون ڍير ثواب ڪمايو. تمام اسلامي ڀائرن سان بالعُمُوم ۽ جامعات المدينه ۽ مدارس المدينه جي جملہ قاري صاحبان، اساتذه ڪرام ، ناظمين ۽ طلبہ ڪرام جي خدمت ۾ بالخصوص تڙپندڙ **مدني عرض** آهي تہ براءِ ڪرم! (منهنجي جيئري ۽ مرڻ کان بعد بہ) زڪوٰة، فطرو، قرباني جون کلون ۽ ٻيا عطيات جمع ڪرڻ ۾ اڳتي وڌي ڪري حصو وٺندا ڪريو. (اسلامي ڀينرون ٻين اسلامي ڀينرن ۽ مَحارِم کي ترغيب

www.dawateislami.net

ڏيارين) خدا جو قسم! مون کي انهن استادن ۽ شاگردن جي باري ۾ ٻڌي ڪري تمام گهڻي خوشي ٿيندي آهي جيڪي پنهنجي ڳوٺ يا شهر ۾ وڃڻ جي خواهش کي قربان ڪري **رمضان المبارڪ** جو مهينو جامعات ۾ گذاريندا آهن ۽ پنهنجي مَجلس جي هدايتن جي مطابق چندي جي بستن تي ذميداريون سنڀاليندا آهن. جيڪي استاد ۽ شاگرد بغير ڪنهن عذر جي صرف سُستي يا غفلت جي سبب عدمِ دلچسپي جو مظاهرو ڪندا آهن انهن جي سبب کان منهنجي دل **ڏکندي آهي .**

**خصوصي مدني گُل:** جيڪي اسلامي ڀاءُ يا اسلامي ڀيڻ چندو جمع ڪرڻ چاهن ٿا انهن کي چندي جا ضروري احڪام معلوم هجڻ فرض آهن، هر هڪ جي خدمت ۾ عرض آهي تہ جيڪڏهن پڙهي چڪا آهن تڏهن بہ دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 107 صفحن تي مشتمل ڪتاب “چندي جي باري ۾ سوال جواب” جو ٻيهر مطالعو فرمائن.

يا الله عَزَّوَجَلَّ **رمضان المبارڪ** ۾ چندي ۽ عيد الاضحيٰ ۾ کلن جي لاءِ ڪوشش ڪري جيڪي **عاشقانِ رسول** منهنجي دل خوش ڪندا آهن تون انهن کان هميشہ جي لاءِ راضي ٿي وڃ ۽ انهن جي صدقي مون پاپي ۽ بدڪار، گناهگارن جي سردار کان بہ هميشہ جي لاءِ راضي ٿي وڃ .

يا الله عَزَّوَجَلَّ! جيڪي اسلامي ڀاءُ يا اسلامي ڀيڻ (عذر نہ هجڻ جي صورت ۾) هر سال ٽن مهينن جا روزا رکي ۽ هر سال جَمادي الآخر ۾ رسالو **ڪفن جي واپسي** ۽ رَجَبُ المُرَجَّب ۾ آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو مهينو ۽ شَعبان المُعَظّم ۾ **فيضانِ رمضان** پڙهي يا ٻڌي وٺڻ جي سعادت حاصل ڪري مون کي ۽ ان کي دنيا ۽ آخرت جون ڀلايون نصيب فرماءِ ۽ اسان کي بي حساب بخشي ڪري جنّت

www.dawateislami.net

الفردوس ۾ پنهنجي مدني حبيب صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي پاڙي ۾ گڏ رک.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى الله تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## جَشنِ مِعرَاجُ النبي صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

دعوتِ اسلامي جي طرف کان **رَجَبُ المُرَجَّب** جي ستاويهين رات، **جشنِ معراج النبي** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي سلسلي ۾ ٿيڻ واري اجتماعِ ذِڪر و نعت ۾ تمام اسلامي ڀائر شروع کان آخر تائين شرڪت فرمائيندا ڪريو ۽ پڻ 27 رجب شريف جو رزو رکي ڪري 60 مهينن جي روزن جي ثواب جا حقدار بڻجو.

رجب کی بہاروں کا صدقہ بنادے ہمیں عاشِقِ مُصْطَفٰے یاالٰہی

## اکين جي حفاظت جي لاءِ مدني گُل

پنجن وقتن جي نماز کان بعد ساڄو هٿ پيشاني تي رکي ڪري **يَـــانورُ** يارهن (11) ڀيرا هڪ ساهي ۾ پڙهو ۽ ٻنهي هٿن جي سيني آڱرين تي دم ڪري اکين تي ڦيري ڇڏيو . اِنْ شَآءَاللّٰہ عَزَّوَجَلَّ نابينائي، نظر جي ڪمزوري ۽ اکين جي سيني بيمارين کان **تَحفُظ** حاصل ٿيندو، الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت سان انڌاپ بہ ختم ٿي سگهي ٿي .

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اڄ جي بيان ۾ اسان مدني انعامات جي حوالي سان مدني گل حاصل ڪيا جيئن اسان ٻڌو تہ

- فڪرِ مدينہ ڪرڻ بزرگن جو پسنديده طريقو آهي
- قرآن ۽ حديث ۾ مختلف جڳهن تي مُحاسَبو ڪرڻ جي ترغيب ڏياري

وئي آهي

◈ عاملين مدني انعامات کان اَميرِ اهلسنت خوش ٿين ٿا

◈ عاملينِ مدني انعامات کي امير اهلسنّت جي دُعائن جو صدقو نصيب ٿئي ٿو

◈ عاملين مدني انعامات کي قرآن ۽ حديث ۾ بيان ڪيل بعض احڪام تي عمل ۽ بزرگن جي بعض معمولات کي اپنائڻ جي سعادت ميسر ٿيندي آهي

◈ مدني انعامات جنت ۾ وٺي وڃڻ وارن ۽ جهنم کان بچائڻ وارن عملن جو مجموعو آهي

◈ مدني انعامات راهِ نجات آهن

◈ مدني انعامات بزرگانِ دِين جون يادون تازه ڪن ٿا، گناهن کان نجات ڏيارين ٿا، نمازي ۽ سنّتن جو پيڪر بڻائن ٿا ☜

الغرض مدني انعامات تي عمل دنيا ۽ آخرت ۾ ڪاميابي جو بهترين ذريعو آهن.

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيب!　　صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو !** بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽

www.dawateislami.net

جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. (مشكاة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،١/٩٧،حديث:١٧٥)

سینہ تری سنّت کا مدینہ بنے آقا جنّت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## گهر ۾ اچڻ وڃڻ جون سنتون ۽ آداب

◈ جڏهن گهران ٻاهر نڪرو ته هي دعا پڙهو:

بِسْمِ اللهِ تَوَكَّلْتُ عَلَى اللهِ لَاحَوْلَ وَلَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللهِ

ترجمو: **الله** جي نالي سان، مون **الله** تي ڀروسو ڪيو. **الله** کان سواءِ نه (گناهن کان بچڻ جي) قوت آهي ۽ نه (نيڪيون ڪرڻ جي) طاقت آهي. (سنن ابن داود، ج 4 ص 420 حديث 5095) اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ انهيءَ دعا کي پڙهڻ جي برڪت سان سڌي واٽ تي رهندؤ مصيبتن کان حفاظت ٿيندي ۽ **الله** عَزَّوَجَلَّ جي مدد شاملِ حال رهندي❀

گهر ۾ داخل ٿيڻ جي دعا:

اَللّٰهُمَّ اِنِّیْۤ اَسْأَلُكَ خَيْرَ الْمَوْلَجِ وَ خَيْرَ الْمَخْرَجِ

بِسْمِ اللهِ وَلَجْنَا وَ بِسْمِ اللهِ خَرَجْنَا وَ عَلَى اللهِ رَبِّنَا تَوَكَّلْنَا

ترجمو: **الله** عَزَّوَجَلَّ! آئون تو کان داخل ٿيڻ ۽ نڪرڻ جي ڀلائي گهران ٿو، **الله** عَزَّوَجَلَّ جي نالي سان اسان (گهر ۾) داخل ٿياسين ۽ انهي جي نالي سان ٻاهر آياسين ۽ پنهنجي پالڻهار **الله** عَزَّوَجَلَّ تي اسان ڀروسو ڪيو (اَيضاً۔حديث٥٠٩٦)

دعا پڙهڻ کانپوءِ گهر وارن کي سلام ڪري پوءِ بارگاهِ رسالت ۾ سلام عرض ڪري ان کان پوءِ "سوره اِخلاص" شريف پڙهي. اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ روزي ۾

برڪت، ۽ گهرو جهيڙن کان بچاءُ ٿيندو ◈ پنهنجي گهر ۾ ايندي ويندي مَحارِم ۽ مَحرمات (مثال طور ماءُ، پيءُ، ياءُ، ڀيڻ، ٻارن ٻچن وغيره) کي سلام ڪريو ◈ بنا الله (عَزَّ وَجَلَّ) جو نالو وٺڻ جي مثال طور بِسۡمِ اللهِ چوڻ بنا جيڪو پنهنجي گهر ۾ داخل ٿيندو آهي، شيطان بہ اُن سان گڏ داخل ٿي ويندو آهي ◈ جيڪڏهن اهڙي گهر (ڪٿي پنهنجي خالي گهر) ۾ وڃڻ ٿئي جو اُن ۾ ڪو بہ نہ هجي تہ هيئن چئو: اَلسَّلَامُ عَلَيۡنَا وَعَلٰى عِبَادِ اللهِ الصّٰلِحِيۡن (يعني اسان تي ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي نيڪ ٻانهن تي سلام) ملائڪ انهي سلام جو جواب ڏيندا. (رَدُّالۡمُحتارج٩ ص ٦٨٢) يا هن ريت چوي: اَلسَّلَامُ عَلَيۡکَ اَيُّهَاالنَّبِيُّ (يعني يا نبي توهان تي سلام) چوتہ حضور اقدسصَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو روح مبارڪ مسلمانن جي گهرن ۾ تشريف فرما هوندو آهي. (بهار شريعت حصو 16 ص 96، شرح الشفاء للقاري ج 2 ص 118) ◈ جڏهن ڪنهن جي گهر ۾ داخل ٿيڻ چاهيو تہ هيئن چئو: اَلسَّلَامُ عَلَيۡكُم ڇا مان اندر اچي سگهان ٿو؟ ◈ جيڪڏهن داخل ٿيڻ جي اجازت نہ ملي تہ خوشي سان موٽي وڃو، ٿي سگهي ٿو ڪنهن مجبوري جي ڪري گهر جي مالڪ اجازت نہ ڏني هجي ◈ جڏهن ڪو توهان جي گهر جو دروازو ڪڙڪائي تہ سنت اها آهي تہ پڇو: ڪير آهي؟ ٻاهران واري کي گهرجي تہ پنهنجو نالو ٻڌائي؛ مثال طور چوي: ”محمد الياس“ نالو ٻڌائڻ جي بدران انهيءَ موقعي تي ”مدينہ!“ ”آئون آهيان!“ ”دروازو کوليو“ وغيره چوڻ سنّت ناهي ◈ جواب ۾ نالو ٻڌائڻ کان پوءِ دروازي کان هٽي بيهو تہ جيئن دروازو کلندي ئي گهر ۾ نظر نہ پوي ◈ ڪنهن جي گهر ۾ جهاتي پائي ڏسڻ منع آهي. ڪجھ ماڻهن جي گهرن جي سامهون هيٺئين پاسي ٻين جا گهر هوندا آهن تنهنڪري گيلري (بنگلي جي اڱڻ)وغيره مان جهاتي پائڻ وقت ان ڳالهہ جو خيال رکڻ گهرجي جو ٻين جي گهرن ۾ نظر نہ پوي ◈ ڪنهن جي گهر وڃو تہ اُتان جي انتظامات تي ٻي جا تنقيد نہ ڪريو ان سان اُن جي دل آزاري ٿي

www.dawateislami.net

سگهي تي ◈ واپسيءَ تي گهروارن جي باري ۾ دعا ۽ ڪريو ۽ شڪريو ۽ ادا ڪريو ۽ سلام ۽ ۽ تي سگهي تہ ڪو سنتن پريو رسالو وغيره تحفي ۾ پيش ڪريو.

هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ مکتبة المدينہ جا شايع ٿيل ۽ ڪتاب "**بهار شريعت**" حصو 16 (312 صفحا) ۽ 120 صفحن تي مشتمل ڪتاب "**سنتين اور آداب**"،رسالو "163 مدني گل" ۽ "101 مدني گل" هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ بغور انهن جو مطالعو فرمايو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن پريو سفر آهي.

مجھ کو جذبہ دے سفر کا کرتارہوں پروردگار سنتوں کی تربیت کے قافلے میں بار بار

(وسائل بخشش مرمم،ص٦٣٥)

صَلُّوْاعَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

www.dawateislami.net

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ درود شريف

## (1) جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِىِّ الْاُمِّىِّ

الْحَبِيْبِ الْعَالِى الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعي ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ مان گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيندي وقت اهو بہ ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن،[1]

## (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سيدُنا انس رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي تہ تاجدارِمدينہ صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو :جيڪو شَخص اهو دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تہ ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناه معاف ڪيا ويندا.[2]

---

[1] ...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون،ص151ملخصًا

[2] ...افضل الصلوات على سيد السادات،الصلاة الحادية عشرة، ص 65

www.dawateislami.net

## (3)رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

جيڪو اهو دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[1]

## (4)ڇهه لک دُرُود شريف جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[2]

## (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو ته حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهي سبب صَحابَہ ڪرام رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنهُم کي تَعَجُّب ٿيو ته اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو ته سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: اهو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي ته ائين پڙهندو آهي.[3]

---

[1] ...القول البديع،الباب الثانی، ص277،

[2] ...افضل الصلوات علی سید السادات،الصلاة الثانية والخمسون،ص149

[3] ...القول البديع،الباب الاول،ص125

www.dawateislami.net

## (6)دُرُودِ شَفاعت

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَة

شافِعِ اُمَم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ مُعَظَّم آهي جيڪو شخص هن درود شريف کي پڙهي تہ ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[1]

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَّا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سيدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنهُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِمدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: انهي درود شريف کي پڙهڻ واري جي لاءِ ستر ملائڪ هڪ هزار ڏينهن تي نيڪيون لکندا آهن[2]

## (1) چڻ شب قدر حاصل ڪري ورتي۔

فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي جنهن هن دعا کي 3 پيرا پڙهيو تہ ان چڻ شب قدر حاصل ڪري ورتي.[3]

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْمِ

(خداءِ حليم ۽ ڪريم کان سواءِ ڪو بہ عبادت جي لائق ناهي الله عَزَّ وَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

[1] … الترغيب والترهيب،كتاب الذكر و الدعاء،٢/٣٢٩،حديث:٣٠

[2] … مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فى كيفية الصلاة…الخ،10/254،حديث:17305

[3] … تاريخ ابنِ عساكر،١٩/١٥٥،حديث:۴۴١٥

www.dawateislami.net